نيڪي تي ڏنو هئائين. استاد اڄڻ سان ڇيس ڇورو تہ ويو باز ڪٽي. هاڻ يا تہ مون وارا ڏهہ هزار واپس ڪر يا متاري شاهہ ڪان ڇورو موٽائي وٺي اچ. ڳلان ڀهرين تہ اها ڳالهہ پڌي ڊڪرجي وئي، پر پوءِ همٿ ساري متاري شاہ جي مڪان ڏانهن پنڌ پئي.

مڪان سڄو سنسان لڳو پيو هو. پرياڻ اندر ڪمري جي لائٽ پي ٻري، در ٻيڪڙيل هو. جيئن ئي ڳلان در ڪان اندر ٿي تہ ڏٺائين متاري شاهہ جي پير ۾ سندس خوفزده پٽ وينو هو ۽ متارو شاهہ ڪيس ريجهائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. اوچتو ڪنهن اجنبي عورت ڪي اندر ايندو ڏسي متارو شاهہ ڇرڪجي اٿي بينو. ”ڪير آهين مائي؟! ڇو آئي آهين؟!“ ڳلان جيڪا ڪاوڙ ۽ ڇڙ وڇان شاهہ وٽ آئي هئي، متاري شاهہ جو آواز ٻڌڻ ڪانپوءِ ڇرڪ ڀري ٻيهي رهي. ڪيس يقين نہ ٿي آيو تہ سندس سامهون اڄ ڪان سورنهن سال اڳ وارو متارو شاهہ بينو آهي. ها اهو متارو شاهہ جنهن ڪيس اڄ ڪان سورنهن سال اڳ جڏهن هوءَ بہ پنهنجي پٽ جيان حسين ۽ خوبصورت هئي، تہ ان ساڳي متاري شاهہ، ڪيس يتائيءَ جي ميلي تان لوٽي واري ڳائٽين جي ٽولي مان ڪنيي ڪنيو هو، ۽ اچي حيدرآباد واري بنگلي تي سريت ڪري ويهاريو هئائين، ڇهہ مهينا سانده رس ڇوسيندو رهيو ۽ پوءِ ڪنهن خالي بوتل جيان ڪيس شهر جي هڪ فٽ پاٿ تي اڇلائي هليو ويو هو. ۽ هوءَ جيڪا شاہ جي سريت بڻجڻ ڪانپوءِ عزت واري زندگي گذارڻ جا خواب ڏسي رهي هئي. وري ڪيس در در جي نوڪرن ڪائڻ ٿي مجبور ڪيو ويو ۽ اڄ وري سورنهہ سالن ڪانپوءِ ساڳيو متارو شاهہ سندس سامهون بينو هو- ۽ شاهہ بہ جيڪو تڪڙ ڪري اٿي بينو هو، تنهن جو هن ڪي غور سان ڏنو، تہ ڀهريائين تہ ڪونہ سڃاتائينس، پر هو ڪيئن ٿي انهن اکين ڪي وساري سگهيو! ها هوئڻ تہ ڳلان جي سموري سونهہ

